پروفيسر ناگپال

# ساميءَ جي سکيا جو سارُ

***Abstract***

**SAMI Chain Rai Bacho Mal Dataramani 'LUND'**

*One of the great history of Sindhi poets Shah, Sachal, Sami, who represent our culture and civilization the world over. SAMI contributed the old Vedic culture and traditions and Vernacularised the Vedic wisdom, the proud possession of this land, as the 4 Vedas were written on the banks of river Indus. He followed the traditions in Sindhi poetry and wrote in 3 or 4 lines "BAYT" he called "SALOK", so his book is known to be "SAMI JA SALOK". He belonged to well off family of Shikarpur then Hub of business in Sindh and greatest mart of north-west India due to its advantageous geographical position. His birth year has been contradictory between 1731-1743 A.D. However his contribution to spiritual realm is tremendous and praise-worthy.*

*He met his guide (Guru) at the age of 30, who awakened in him the love of lord and ignited divine ecstasy that put him restless in mundane affairs of the world. Swami Menghraj Banbhan, whose all three names he used in his 'SALOKAS', nihilating the self of Chain Rai, as the path to God can only be traced when one "cuts in two, the tree of his being". He went and settled in Amritsar for the love of divinity, he learnt through the treasures of Guru Granth Sahib. He was already well versed in Vedanta and Sanskrit Kavya, he had at his credit the great poets of Sindh like Shah Inayat, Shah Latif, Sachal Sarmast along with Bhagti Tehrik poets like Namdev, Ravidas, Kabir, etc. Thus he perfected in the path to universal goal and culminated fully in his verses. I humbly try to depict the great truth in SALOKAS before my worthy readers, the light of "Gita" in one SALOK as under:*

***He who Shuns the diabolic "Dvaita", and***
***engages himself in service of Man,***

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

***disabuses him of the evil and realises***
***Him in elephant and ant alike,***
***is Mahatma, while others***
***grope in the dark and reel in the dirt.***

*He remained true to family life, earning wealth (Arth) enjoying life (KAM) and attaining nirvana (MOKSH) proving that one need not go to mountain and be bachelor/recluse to attain union with Beloved.*

*The Creator when He created human being designed this path to Him inside his/her body. Thus it's our exclusive patrimony and heritage to trace in us the divine melody, voice of God, Holy Ghost, the word, the Logos, The Kun, the Sarosha that reverberates spontaneously at the centre of third eye. We are here to retain and put our consciousness into his ever-resounding Anahat sound, the immanent power through the help of a knowing Master MURSHID or GURU. Then only darkness gives way to light, ignorance to knowledge and transience to immortality. Only when we manifest the Lord within us we can, then, see him every where and realise truly that nothing can happen without Him. He is the doer behind all scenes, player behind all games and the Master Juggler who juggles the puppets behind all puppet shows.*

**اڄ** جي دنيا جو انتشار، ماڻهوءَ جي مونجهه، ذهني دٻاءُ ۽ وڳوڙي وايو منڊل شاهد آهي ته اڄ جو انسان، پوءِ اهو ڪهڙي به ڪنڊ، قوم، مذهب يا ملڪ جو رهواسي هجي،عجيب قسم جي ذهني ڪشمڪش، نفسياتي مونجهارن ۽ جسماني روڳن ۾ وڪوڙيل رهي ٿو. ٽيئن دنيا جو بدنصيب انسان غربت، بي روزگاري، معاشي بدحالي، ناانصافي، ظلم، جبر ۽ غلط تعليم ۽ تربيت سبب وڌيڪ ذهني مريض ۽ روحاني روڳي ٿي چرڪائيندڙ نفسياتي مرضن ۾ مبتلا ٿي رهيو آهي. سياسي، سماجي، اقتصادي ۽ معاشي ناهمواري، استحصال ۽ ظلم جو شڪار ٿي هو اندر ۾ پڇندو، پرندو ۽ ڳرندو رهي ٿو. ڪڏهن طبعي ته ڪڏهن پنهنجي هٿين خودڪشي ڪيو ڇڏي، نه ته مذهبي مت ڀيد،لساني جهڳڙي ۽ نسلي ٻارڻ ۾ ٻريو وڃي.

روس جي ٽٽڻ ڪان پوءِ استحصالي قوتون فيل مست ٿي سڄي دنيا ۾ پورهيتن، مظلومن ۽ هارين کي لتاڙينديون رهن ٿيون. سرمائيدار دنيا هڪ هٿي ڄمائي سرمائي جو ڍڳ ڪري، سڄي دنيا کي پرماريت جي منڊي ٺاهي ويٺا آهن. غريب

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

ملڪن کي ٻاٽي پڳا قرض ڪٽائي ۽ فوجن کي امداد ڏئي پنهنجو زرخريد گماشتو ڪيون وينا آهن ۽ ان کي سڏين: Global Village/Communication Age. سياست، معيشت کي ڪنٽرول ڪرڻ جو نالو آهي ۽ اڄ جو سرمائيدار، وڏيرو ۽ جاگيردار پنهنجا سڀ حيلا هلائي مسڪين پورهيو ڪندڙ، دنيا هلائيندڙ ۽ دنيا پاليندڙ هاريءَ کي محڪوم ڪيو ويٺو آهي.

اسانجي ملڪن ۾ جمهوريت تہ جهڙي سندن سريت آهي ۽ فوجي گماشتا جيئن وٽين وينا ڪٺ پتلي تماشا ڏيکارين، اهو تماشو چوهٺ سالن کان هلندو پيو اچي. هاڻي سياست جي دنيا کي ڇڏي، وچون طبقو پنهنجن مونجهارن ۾ ڦٿو قاتل آهي. هيٺين طبقي سان رهڻ نٿو چاهي، مٿيون ڪيس قبول نٿو ڪري، پوءِ بہ هو هٿوراڙيون هٽي مٿي چڙهڻ جي ڪوشش ۾ پاڻ ڪوهي ٿو. قرض تي گهر، قسطن تي سڄو سامان، لِيز تي گاڏي ڪيائي پاڻ کي وڏو ڪرڻ جي ڪوشش ۾ ڪوريئڙيءَ جو ڄار اٽڻدو رهي ٿو ۽ پوءِ ان ۾ ڦٿڪڻ شروع ڪري ٿو. پريشاني، دٻاءُ ۽ نفسياتي مونجهارن ۾ وڃي ٿو بدحال، بيمار ۽ بيوس ٿيندو!! پوءِ السر، شوگر، بلڊپريشر ۽ هارٽ اٽيڪ جا مهمان بہ اچڻ شروع ٿين ٿا، جي وقت کان اول ڪيس ابد جي ماڳ ڏانهن گهليو وڃن. جي انهن کي نٽائي رهي بہ پئي ٿو تہ اهو رهڻ بہ ڪهڙو! سڄو مايوس،بدحال ۽ ڪائڻ پيئڻ کان محروم ٿي سڪندو رهي ٿو. لاچار، لاغر، لاحاصل ٿي جيئڻ بہ ڪو جيئڻ آهي!

تہ ايئن ڇو آهي؟ ڄاڻي واڻي، سوچي سمجهي پاڻ کي ڪڏ ۾ ڦٽي ڪرڻ ڪهڙي سمجه آهي؟ هي مقابلي ۽ ڇٽاپيٽيءَ جو دور آهي. پئسو ئي سيڪجهہ آهي ۽ ماڻهو ملڪيتن وارن جي ئي عزت ڪن ٿا. جيئڻو تہ پوءِ بہ هن ئي جهان ۾ آهي تہ ان جي معيار مطابق جيئجي! شان، مان ۽ وڏائيءَ سان پوءِ قرض بہ لهي پوندا، ڪجهہ پريشانيون تہ ڪٽٽيون ئي پونديون. اهو روايتي تعليم جي ڏنل سياڻپ، ڇٽاپيٽي ۽ تڪراري قومي لساني مت ڀيد جو نتيجو آهي-جيسين صوفين جي پيار، هڪجهڙائي ۽ وحدت ڏانهن ورون - تہ اهو ايئن آهي. ماڻهو رستي ۾ ئي موڪلايو وڃي ۽ پويان پوءِ اجان پريشان! تہ سمجه جو ڦيرو آهي، ڏک کي سُک ۽ سُک کي ڏُک سمجهڻ جي غلطي آهي. فانيءَ کي لافاني ۽ موت کي ڪوڙ سمجهڻ جو مٿو آهي. زندگيءَ کي بقا ۽ جاوداني سمجهِي سؤ سالن جون رٿائون ۽ سٽ سٽيا وڃن ٿا، پر پڪ تہ پل جي بہ ناهي. حياتيءَ جهڙي بي وفا ۽ بي بقا محبوبا تہ پَڪ مٽيادار موت گهوٽ اٽموٽ، لازوال ۽ لافاني ور (ڪنت) پرٽائي

ڪٽي ويندو، پر پنهنجي ابتي سمجهه! تہ موت تہ اجا پري آهي، جو پاڇي جيان پٺيان پيو هلي، سو نظر نٿو اچي.

جل ۾ فوٽو جيئن لهرن لڳي اَڏ ٿئي،
تون پڻ آهين تيئن دنيا ۾ ڪو ڏينهڙو.
(سامي)

تہ جل جي فوٽي يا پاڻيءَ جي بُلبلي تي ماڻ آهي، پروسو آهي! واهہ انسان! تہ موت وساري اهڙي غفلت جي حياتيءَ ۾ مدهوش رهڻ وارن ڪي بس اهي صوفي، سنت ۽ ڪامل درويش ئي اٿاري، سجاڳ ڪري اصل ماڳ ۽ منزل لاءِ تيار ڪن ٿا. ان جو مطلب اهو ڪڏهن نہ ڪڍڻ گهرجي تہ اُهو ٿيو هن جهان جو تياڳ ڪرڻ - بنهہ نہ! اهو ابتو ۽ انڌو تصوف آهي جو دنيا کان موڙي رهبانيت ۽ ويراڳ جي واديءَ حوالي ڪري ٿو! بنهہ نہ. تہ دنيا ۾ رهي، دنيا جا سڀ فرض پوري جوابداري ۽ بهتر انداز سان پورا ڪندي ٻين محتاجن، لاچارن ۽ ڏڏن جو ڏڍ ٿي همت ۽ حوصلي سان حياتيءَ جي ويڙهہ وڙهي، مظلومن لاءِ ظالمن سان مهاڏو اٽڪائي سوئي صوفي لاڪوفي آهي، جو مذهب، قوم، زبان ۽ نسل کان مٿانهون، مالڪ وانگر سڀني لاءِ ساڳيو ٿي، ڏيندڙ ۽ بخشيندڙ وڏي دل حوصلي وارو معاف ڪندڙ، رحم ۽ ڪرم ڪندڙ لاهوتي هجي. دنيا جي حرص، هوس، بغض، ڪيني ۽ ميڙڻ جي آزار کان آجو، قرباني، تياڳ ۽ بخشش ڪندڙ داتا آهي. وٺندڙ نہ، پر ڏيندڙ آهي. پاڻ پڏائيندڙ نہ، پاڻ وڃائيندڙ لاطمع خدمتگار، غريب ۽ سڀ جو دوست ٿي رب لاءِ جيئندڙ، سڀ ۾ رب کي ڏسندڙ ، لامڪان لاڪوفي آهي:

جز وڃايو جوڳئين ڪُل سين آهين ڪم،
آسڻ جن عدم، آءٌ نہ جيئندي اُن ري.
(شاهہ)

ڌرين ڪوهہ پيار، سامي مايا موهہ سان؟
اٿي سڀ اوديا سندو، اڻ هوندو اسرار،
جيئن نانگ نوڙي ۾، سپني جو سنسار،
ڪر نہ جيءُ خوار، مرگ ترشنا جي جل ۾.

تہ هتي جيءُ خوار ٿي، رُڃ پٺيان ڊڪندو، ساڻو ٿي مريو وڃي، پر گهرجن جي اُڃ ڪڏهن پوري نٿي ٿئي. ان کي سامي ڇوي اوديا ، بي سمجهي يا جهالت، جو مايا نظر

جو دوکو ٿي ماڻهوءَ کي پتلي تماشي وانگر نچائي ٿي ۽ جادوَ جي اسرار مان ڪجھ پلئہ نہ پوي ٿو ۽ انسان ڪجھ بہ نٿو ڪٽي وڃي بس پڇتاءَ ۽ افسوس جا ڳوڙها ڳاڙيندي مريو وڃي.

مثال طور ڏي مرگھہ ترشنا چوي:

اڻ هوندي پولي وڏو جيءَ پرم ۾،
جئن ڪستوري ناپ ۾، مرگھہ ٻاهر ڦولي.

تہ هي فاني جيو پاڻ کي لافاني سمجھي، قيامت تائين جا جوڙ پيو جوڙي، منصوبا ميڙي، اربن کربن جون موڙيون پيو ميڙي، ساميءَ کي ڪِل ٿي اچي، چوي ٿو:

حيرت ائون هاسي اچي هڪ اچرج تي،
سامي ڄاڻي پاڻ کي ابناسي ناسي؟
ڪپڙي ۾ آڪاس پيو، ڦاهيءَ ري ڦاسي؟
پاڻيءَ ۾ پياسي، مري پپوٽو مَت ري.

حيرت ائون هاسي اچي هڪ اچرج تي،
خاوند پنهنجي خيال ۾، پيو ڦاهيءَ ري ڦاسي؟
پوي نت پلن جا، گنگا، گيا، ڪاشي؟
خود ري خلاصي، ڪير ڪري ڪرتار جي؟

آخري لائين اوکي ٿي پئي تہ جو ماڻهو پنهنجن ئي خيالن ۾ بنا ڦاهيءَ ڦاسي ٿو، سٺ سٺي سٺجي وڃي ٿو، اهو ڄاڻي ئي نٿو تہ هو خود خدا آهي، پوءِ تيرٿن ڪرڻ لاءِ گنگا، گيا ۽ ڪاشي ڇو ٿو پٽڪي؟ ڀلا خود خدا جي خلاصي بہ ڪو ڪري سگھي ٿو ڇا سواءِ خود جي!

سچل سرمست چيو:

”ٻانهون ڀانءِ م پاڻ، تون هين مالڪ ملڪ جو“

”الله الله ڇو چوين، پاڻ ئي الله ڄاڻ“

”اوهي ڪم ڪريجي، جس وچ الھہ آپ بڻيجي“

تہ اهو خود ڪرتار، خدا يا الله تيڻ جو عمل ڇا آهي؟ اهو سبق سڪڻو پوندو



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

جو سيني مذهبن سيڪاريو آهي، پر ماڻهو پرمن ۾ پلجي، بندو گندو ٿي، پاڻ ڪان ٻاهر مالڪ کي ڳوليندو ٿو رهي، ڀٽڪندو ٿو رهي، ڌڪا ٿاٻا پيو کائي، پر سمجهي سٽي ڪونه ٿو. شاهه چئي ٿو:

"نائين نيڻ نهار، تو ۾ ڏيرو دوس جو."

"ڏسڻ ڏسين جي، همه کي حق چوين."

"Man is fashioned after the image of God". (Old Testament)

"Kingdom of God is within You." (New Testament - Holy Bible)

"مان تنهنجي شهه رڳ کان به ويجهو آهيان." (قرآن مجيد)

هر مندر ايهه سرير هئه، گيان رتن پر گهٽ هوءِ (گرو گرنٿ صاحب)

اي من تون جوت سروپ هئه، اپنا مُول پڇاڻ. ته پاڻ سڃاڻ تو ٿي نور ۽ حق آهين. "اناالحق" - سو هم (سومان آهيان)

هاٽي اسان کي اصل روحانيت جو سار ۽ تت سمجهڻو پوندو ته بندو ڪيئن خدا، عبد ڪيئن معبود يا همه اوست. سنسڪرت ۾ چون تتومسي (تون اهو آهين) يا تت توم اسي - تفصيل ۾ وڃڻ ڪان اڳ سولي ٻوليءَ ۾ چوان ته خودي ختم ڪري جڏهن بندو اسمِ اعظم يا بانگ آسماني ۽ ڪلمي الاهيءَ ۾، جو سندس اندر وڄي رهيو آهي، پاڻ ګڏي ٿو ته عشق جو سفر، طلب جي طام ۽ اندر جي اُڃ اُجهي ٿي.

"اندر جني اُڃ پاڻي اڃو تن کي."

"تن ۾ تونس پرين جي پيان نه ڍاپان،
جي سمند منهن ڪيان ته سرڪيائي نه ٿئي."

اهي لطيفي اشارا ان اُڃ جو ذڪر ڪن ٿا جا ان انهد شبد ۽ ڪلمي الاهي جو اندر خود به خود وڄي رهيو آهي. پرينءَ کي پائڻ جي پياس ٿي روح جي اُڃ آهي جا پرين ملڻ بنا نٿي اُجهي ۽ جيءُ نٿو ڍاپجي سگهجي.

ته اهو آهي آتما جو پرماتما ۾ سمائجڻ، قطري جو دريا ۾ ڪرڻ ته پوءِ قطرو گم دريا باقي، ته بندي جي فنا بعد الله باقي يا باقي باالله چئبو، پر بندو الله نه چئبو. اها تصحيح ضرور ڪرڻ گهرجي ته ڪفر جون ڪنگريون ۽ اجائي فتوائون ڊهي پٽ پونديون.



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

تہ اهڙي ميلاپ جي طلب ئي اصل جنت آهي، جنهن لاءِ لطيف سرڪار چيو:

”رڳون تيون رباب وڄن ويل سيڪنهين“

**سچل سائين چيو:**

”وسريو روزو، ناهي ياد نماز مونکي،
کيڙو مست پرينءَ جي ناز مونکي.“

”تہ ويدن جو ويچار سو سنڌيءَ ۾ سٽايو“ جي دعوا کنڌڙ سامي واقعي ئي ويدن جو پورو وستار سليو آهي روحانيت جي ڪنجي ڏئي، اهو آهي آتم گيان يا پاڻ سڃاڻڻ جو علم، جنهن ڄاڻڻ بعد ڪجهہ ڄاڻڻ باقي نٿو رهي، جو ئي دين ڌرم جو حاصل آهي، ماڳ آهي ۽ منزل آهي، رب پائڻ جو نسخو آهي. صوفيءَ چيو:

دنيا ۾ دل جو مطلب پورو ٿيو تہ ڇا ٿيو؟
آخر نہ مليو هڪ رب پيو سڀ مليو تہ ڇا ٿيو؟

اهو آهي الله آپ بڻيجي جو رستو. سامي چئي ٿو:

”سامي سڀ ۾ سار، جن ڄاتو آتم تت،
رکي نہ من ممت، ڄاڻي روپ سڀ تنهنجا.“

”تہ جيڏانهن ڪيان پرک تيڏانهن صاحب سامهون“ واري لطيفي واٽ سامي هيئن صحيح ڪئي:

پاري ۾ پاڻي تيئن وياپڪ (موجود) وسي وس ۾.

نانا روپ رچي ڪري سيک لکائن سار،
چيتي (ڪِئلي) ۽ ڪنچر (هاٿي) ۾ اتي اونڪار (الله)،
ساکي اکٽ پندار، کن پاڳ پرين پاڳي پيو.

تہ اڇو تہ تفصيل سان ان روحاني سائنس کي سمجهون:

حيرت آئون هاسو اڇي هڪ اڇرج تي،
سائي قولهي آتما، کند کي پتاشو،
ڳهٽو ڍونڍي سون کي، مٽيءَ کي کاسو،
پاڻي پياسو، سامي رهي نت نير جو.

مٿين شعر ۾ جنس پنهنجي اصل کي پئي ڳولي، پتاشو کنڊ کي، ڳهٽو سون



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

ڪي ڳولي ٿو، تيئن هيءَ آتما يعني روح پنهنجي اصل پَر ماتما يعني پنهنجي خالق کي ويني ڳولي. ماڻهوءَ جي اصل اشانت ۽ بي سڪوني گهٽي ٻاڱي انهيءَ ڪارڻ آهي تہ هو پاڻ کي صرف جسم سمجهي، جسم جي ئي پالنا جا جتن ڪري ٿو، ڪيس سنا ڪاڏا ۽ سهڻيون پوشاڪون پهرائي ٿو. هار سينگار، عطر عنبير ۽ ٺٺ ٺانگر فقط جسم لاءِ، جنسيات جا مزا ۽ تفريح، سڄي دنيا جا سير ۽ مال ملڪيت ۽ عياشيءَ جا سمورا سامان رڳو جسم لاءِ - روح تہ جهڙوڪر آهي ئي ڪونہ - تہ پوءِ سڄي هڻ هٽان بعد، اڪيلائي پلئہ پوي ٿي، ان ۾ ويڳاڻو ۽ موڳو ٿي، هيءُ جيءُ اداس ٿيو پوي تہ آخر مونکي ڇا گهرجي؟ ڪهڙي اڻپورائي آهي؟ ڇا کٽي ٿو آخر؟ سڀ ڪجهہ هوندي بہ من ۾ خوشي ۽ اندر ۾ آرام ڇو ڪونهي؟ ٻيو پلا ڇاڪريان جو پورڻتا ۽ تڪميل جو احساس ٿئي؟ اصل خوشي ۽ سچو آنند پلئہ پوي؟ آخر ڇا؟ تہ اهو آهي اندر جو سچ تہ روح اجارو آهي، بکيو آهي، ويڳاڻو آهي، وهلور ٿو وڃي، پر پاڻ کي خبر ئي ڪانهي. ان کي وري ڇا گهرجي؟ ڇا ڪائيندو ۽ ڇا پيئندو ۽ ڪيئن ڌاپبو؟ ان جا جواب روحانيت جي سائنس ڏيندي جا پاڻ اطلاق سائنس آهي ۽ جنهن کي پاڻ نقد مذهب چئون. هونئن مذهب جنت دوزخ جي تخيل سان، مئي پُڄاڻان معاوضو ڏيندڙ،اوڌر وارو مذهب آهي.

## روحانيت - هڪ جڳ مذهب (Spiritualism - A world Religion):

روحانيت سڪون بخشيندڙ، جيئري مالڪ ملائيندڙ، ماڻهوءَ کي مڪمل تڪميل ۽ پورڻتا ڏيندڙ نقد مذهب آهي، جو تمام انسانيت لاءِ ساڳيو هڪجهڙو ۽ مالڪ وانگر مڪمل آنند جو سرچشمو آهي، جنهن ۾ ڪوبہ ڀيدڀاؤ ڪونهي، ڪهڙي بہ مذهب، فقهہ، قوم، ٻوليءَ ڌرم يا آچرڻ جا انسان آهيون، هتي رب مڙيوئي هيڪڙو، جنهن ۾ ڦند نہ ڦير وارو حساب آهي. تہ ڏات نہ آهي ذات تي جو وهي سو لهي يا لطيف سرڪار چيو تہ:

پڇين جان دوست تہ پاسي ڪر پرهيز ڪي،
جني ڏنو هوت تن دين سيئي دور ڪيا.

تہ دين سيئي ڇڏي .Total surrender unconditionally to the will of God

هڪ جي اوٽ وٺو ۽ سڀ ۾ حق جو هڪ ڏسو تہ ٺهراءُ ۽ اسٿرتا اچي ويندي. مالڪ جي عشق جي غذا ڪائي سندس صفتن جو ورناءَ وارو پاٺي پي دم دم، ساهہ ساهہ

۾ سائينءَ سار جو لباس پهري آتما يا روح پاڻ ئي ڏاپجي ويندو ته اندر جي آنڌمانڌ، هرڪر ۽ اڻ تڻ ختم ٿي ويندي. ماڻهو هميشه مالڪ جي موج ۾ رهي اتي آنند ڪي ماڻي ٿو، ته اها سُتي ملندي درويشي دوستيءَ مان. جنهن ڪي سامي چئي ساڌ سنگت - چوي:

جنين لنو لائي، سامي ساڌ سنگت سان،
تات تني جي من مون، متي پرائي،
رهي نه رائي، چنتا، چاهه اندر ۾.

سڀ جي گهر(اندر) آهي، پريم پدارٿ رام ڌن (ربي ذات صفات)،
سامي ڏسي ڪو ڪو منهن مڙهي پائي(اندر وجي)،
ستگر لڪائي ته ڏسي پد اکين سان(مشاهدو ماڻي).

ته سندن من ۾ نه ڪِٽتي نه ڪهڻي جي گهرج يا چاهت رهي ٿي، سرنهن جي داڻي جيتري به نه، ته دک ڪٿان آڻيندو! دک ته خواهشن جي چاهه جو ثمر آهي. پرائي تات، هيچ، لوڀ، لالچ ئي نه رهي ته ڪِٽتي فڪر ڪنهن ڪي وٺي ۽ ڪنهنجو وٺي؟

جن سچاتو سچ ملي ساڌ سنگت سان،
سدا تن جي من ۾، ٻري محبت مچ،
ڪدي ڪلپت ڪچ، سامي چڙهيا سير تي.

سنت ڪبير جو هڪ دوهو آهي ته:

چاهه گئي چنتا متي منوئا بيپرواهه،
جسڪو ڪچو نه چاهيئي سو ئي شهنشاهه.

ته سچو رولو چاهه جو آهي، جنهن مان چنتا نڪري ٿي. گهرجن کي ختم ڪري ڪجهه نه گهرجڻ واري شهنشاهيءَ ۾ ڪو ورلي پهچي ۽ پنهنجي اندر جي پورٽتا ۾ خوش رهي هڪ سان جڙي وڃي ته سدا آنند جو رس ماڻي، جنهن جي اڪيلائي وندر ٿي پئي ته هو ڪنهن جو به محتاج نٿو رهي. سڀ دوست، ڪونه ڪو ڏاريو سُجهي - صلح ڪُل!

جنهين پليو پاڻ ملي ساڌ سنگت سان،
تنهن جو ويري ڪونه ڪو صلح تي سڀ ساڻ،
سامي سدائين رهي نانا ڪون نرباڻ،



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

گاوي راڳ ڪليانڻ، چڙهي سهيج سمير تي.

جو خود تي فتح پائي، نفس اماره، لوامہ کي لنگهي نفس مطمئنہ تي پوي تہ سدا وينو راڳ ڪليانڻ ڳائي معنيٰ سدائين پاڻ ۾ جڙيو رهي. ان اسٽيج کي ويد سهج اوستا چون ٿا، جتي آتما ان انهد شبد سان ملي هڪ ٿئي ٿي. اهو آهي معراج ماڻڻ تہ اها روحاني سائنس آهي ڪيئن؟ سا سموري ساميءَ سلوڪن ۾ سمجهائي آهي جو ويد اپنشد جو ڳوڙهو گيان آهي سو سرل ڪري، سنڌيءَ ۾ سمجهايو اٿس. مختصر ڪري ان جو اختصار پيش ڪجي ٿو.

انساني جسم اهو قلعو آهي، محل آهي جنهن ۾ مالڪ خود موجود آهي. ياد رهي تہ آدم کي الله خود خلق ڪري پنهنجو روح ڦوڪيو هي تہ اهو امر ربي ٿي انسان جي عظمت جو ثبوت رهيو ۽ ارشاد ٿيو تہ ۔آءٌ انسان جو راز آهيان ۽ انسان منهنجو (راز آهي). ويدن ۽ اپنيشدن ۾ ڪجھ هيئن بيان آهي تہ: هي جسم جنهن ۾ خلقڻهار خود موجود آهي، انسان جي اشرف هجڻ جو ڪارڻ آهي ۽ صرف انساني جسم کي ئي اهو شرف مليل آهي تہ هن ۾ رهي زندگيءَ ۾ پنهنجي خالق کي پائي سگهجي ٿو. جيو ۽ برهم (خالق) هڪ آهن، پر حدن ۽ محدود دائرن ۾ قيد جيو پاڻ کي الڳ فقط جسم سمجهي ٿو. من پراڻ ۽ خوديءَ وغيره جي حد بندين ۾جڪڙجي برهم کان الڳ، اوديا ۾ غلطان آهي. وديا يا معرفت دوران ئي هو پاڻ کي ان حد بندين ۽ مايا ڄار کان الڳ ڪري آزاد يا مڪت ٿي سگهي ٿو ۽ جڏهن آپو، من ۽ مايا مان نڪري ٿو تڏهن ئي لاحد ۽ لامڪان ٿي پاڻ کي پورن برهم سمجهي ٿو. اهو آهي آتم گيان يا پاڻ سڃاڻڻ.

"بنا آتم گيان صمت نہ مِٽي من جي،
توڙي سپ ساڌن ڪري پڙهي ويد پراڻ،
گيتا ۾ ڀڳوان ارجن کي ايئن چيو."
(سامي)

ڪنڊلني اها ستل شڪتي(طاقت) آهي جا جڳتر (جهان) کي پيدا ڪري ۽ پالي ٿي. ان ستل شڪتيءَ کي اٿارڻ لاءِ ئي جوڳيءَ جو سومورو جتن ۽ جوش وارو جوڳ آهي. ڪنڊلني جو بيان ويدن، اگمن، پراڻن، اپنيشدن ۽ سنتن جي ٻاڻين ۾ اچي ٿو. اها ٻن ويڙهن (ڪنڊلن هنديءَ ۾) جي نهيل آهي، جنهن لاءِ ڪنڊلني سڏجيس ٿو. مولا ڌار چڪر جي وچ ۾ تيز روشنيءَ جي وچ ۾ سندس گهر آهي. اها جيون شڪتي ڇٹبي جا



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

شبد برهمر سان ڳنڍيل پئي آهي، جنهن کي عيسائي Word يا Logos چون.

In the beginning was the word,
And the word was with the God.

ويد انڪي ناد چون ۽ گورو نانڪ ان کي شبد يا نام چئي ٿو. جنهن هي سڄو جهان خلقيو. مانداڻ منديو سو شبد سڀ جي اندر بنا وڄائڻ وڄي رهيو آهي، جنهن لاءِ ڪيس انهد چئجي ٿو. ليہ يوگ ۾ اهڙو بيان ڏنل آهي تہ ڪندلني جڏهن پنهنجي گهر يعني مولاڌار چڪر مان اٿي ٿي ۽ مٿي چڙهڻ جي ڪري ٿي تہ اها چرپر آواز پيدا ڪري ٿي. آواز ٻن قسمن جا ٿين ٿا: هڪ جڏهن هڪ شيءِ ٻئي سان ٽڪرائجي ٿي تہ آواز ٿئي ٿو، پر جڏهن بنا ٽڪرائجڻ جي، جو آواز نڪري ان کي سنسڪرت ۾ اناهت چئبو آهي، جنهن کي سامي انهد چيو آهي:

انهد جو آواز، ٻڌو جنهن گرگيات سان،
پرچي ڪيو، تنهن پنهنجو بنا ڪلپت ڪاج،
مايا جو موتاج، ڪڏهن ٿئي ڪينڪي.

ان انهد آواز ٻڌڻ بعد، جو فقط مرشد جي مٺيا مهر سان اندر اندرين ڪنن سان ٻڌي سگهجي ٿو، جنهن لاءِ لطيف سرڪار چيو تہ، هي گڏهہ ڪن ڏئي ٻيا ڪن وٺيج، ٻيا ڪن وٺڻا پوندا، تہ اها عجيب ڪشش واري ڌن ئي سالڪ کي مٿي چڪي مالڪ ڏانهن وٺي وڃي ٿي ۽ اهو سيني لاءِ ساڳيو عمل سڀ جي اندر سمايل آهي. نہ مذهب، نہ قوم، نہ زبان، نہ جنس ۽ رنگ جو فرق، ڪهڙي بہ ڌنڌي يا ڪم ڪار ڪندڙ لاءِ ڪوبہ فرق نہ آهي. اهو آهي رب العالمين، جو سڀ لاءِ ساڳيو ۽ سيئي سندس اڳيان هڪجهڙا آهن، جو سندس عشق ۾ غرق ٿئي ۽ سندس طلب ۾ تنواري تہ چون طلب هو تہ مِلَ هو:

انهد جو جهٽڪار ٻڌو جنهن ٻانيڻ چئي،
مٺيو تنهن جي من مون وڌنڪيد وهنوار،
چڙهي سهج سمير تي، ڏسي دٻ ديدار،
پائي پداپار، مشڪي ڪشڪي ڪينڪي.

تہ ان آواز، شبد ۽ نام پائڻ بعد منزل معرفت شروع ٿئي ٿي، جا حقيقت سان هڪ ڪري ٿي. ان آواز بعد من جون خواهشون ۽ گناهہ جون لذتون آهستي آهستي ختم ٿيڻ شروع ٿين ٿيون ۽ گهٽي اپياس بعد من صاف ٿي، خودي وڃائي مالڪ سان ملڻ

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

لائق ٿئي ٿو.

هي انهد شبد مختلف هنڌن تي مختلف آوازن ۾ ٻڌڻ ۾ ايندو. ڪڏهن مرلي، سڱي نگاري (نغارو)، ڪڏهن تال، ڪڏهن سنک ته ڪڏهن ڪنگري جو آواز ٿي سالڪ کي مست ڪري وجداني ڪيفيت ۾ وجهي ٿو، جو سندس نشو لهي ئي نٿو. اهو منڌ هميشه خمار ۾ رکي ٿو. گورو نانڪ جي چيو:

نشا ڀنگ، چرس آفيم شراب ڪا اتر جاءِ پرڀات،
نام خمازي نانڪا چڙهي رهي دن رات.

لطيف سرڪار چيو:

منڌ پيئندي مون ساجن صحيح سڃاتو.

ته ڪنڊلني جڏهن هرديه (دل) چڪر وٽ اچي ٿي تڏهن انهد جو آواز شروع ٿئي ٿو. جڏهن ڪنڊلني پيشانيءَ جي وچ ۾ اجنيه چڪر کولي ٿي تڏهن شبد اناهت کلي ٿو، يعني مرشد جو آواز سالڪ ٻڌي سندس هدايتن مطابق مٿي چڙهڻ جو عمل شروع ڪري ٿو. اها سڄي سائنس گورو گرنٿ صاحب ۾ تفصيل سان سمجهايل آهي، جنهن سڄي انسانيت لاءِ اهو بين الاقوامي سچ سهيڙيو آهي ۽ اتي پهچي ئي مالڪ 'هڪ' سيني جو ساڳيو، سڀ لاءِ مهربان مشفق ۽ بخشيندڙ داتا محسوس ٿئي ٿو. چيائون مانک (انسان) کي جات ايڪ پهچانبو- گورو گوبند سنگهه

ته ماڻهو هڪ ذات ٿي پئي ٿو. سنڌي صوفين به ورائي ورائي چيو:

کهڙي پڇو تا ذات جي آئيا سي اگهيا.

ذات ذات تي ناهي، جي به، ڪنهن به مذهب مسلڪ جا اتي پهتا ته اگهيا. بس مرشد ڪامل هجي، جنهنجو اهو سفر ڪيل هجي ته اهو ئي فقط پهچائي سگهي ٿو، جنهن لاءِ ساميءَ وٽ پورو باب لکيل آهي. ستگورو:

گورک وڃائي سڱي سهج آڪاس ۾،
ورلي ڪنهن جوڳيءَ کي سمجهه منجهه آئي،
سامي جنهنجي ستگورؤ ممتا مٽائي،
وڃائي وائي، رهي نرت نگر ۾.

اندر سرت (روح) جون به شڪتيون ٽين ٽيون: ٻڌڻ ۽ ڏسڻ، ٻڌڻ اُن اناهت جو آواز، جو مٿي نوري نظاري ڏي وٺي وڃي ٿو ۽ پوءِ هو نرت نگر ۾ مالڪ جو نور پسي

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

تو:

نـريـئـہ نـگـارو اكـنـڊ وڃـي تـو آد جـو،
ٻـڌي كـو ٻـانـيـڻ ڇـئـي ڀـاڳـوان ڀـارو،
مـتـيـو جـنـهـن جـي مـن مـون اوديـا انـڌارو،
ڇـاٽـي جـڳ سـارو چـمـتـكـار چـيـتـن جـو.

مـنـجـهـيـن تـن تـنـوار وڃـي ويـل سـيـكـنـهـن،
چـنـگ تـنـبـورا كـيـتـرا آهـن سـاز اپـار،
انـئـي پـهـر انـدر ۾ سـامـي پـريـنءَ پـچـار،
كـنـهـن كـنـهـن مـگـٽـهـار سـوجـهـي هـن سـرود جـي.

تہ اها آهي انئي پهر پرين پچار، حاصل حيات. "سُتا ئي سونهن ننڊ عبادت جن جي". اِها ڌُن، ڏينهن رات، هر ويلي هر وقت بنا وڃائڻ پئي وڃي. مست مدهوش كري، جنهن جهڙو مزو ۽ آنند هن پوري كائنات ۾ كونهي. ان كي اڃا جاپ بہ چئجي جو بنا جپڻ جي پيو هلي. واهہ انسان جي عظمت، جو فقط انسان مرد، عورت، ٻار، ٻڍو كهڙي بہ نسل، رنگ ۽ مذهب جو، ان جو آنند پائي، محبوب جو اندرين اكين سان مشاهدو ماڻي سگهي ٿو:

انـڌو تـي پـسـيـج مشاهـدو مـحـبـوب جـو.
(شاهہ)

انـيـئـہ اگـم پـري گـرؤ لـكـائـي گـيـات سـان،
جـنـهـن ۾ وڃـي واچ ري بـيـن مـهـامـدري،
ٻـڌي مـن مـگـن ٿـيـو، رهـي نـہ پـلـي بـري،
سـامـي مـلـيـو سـري، سـتـهـہ سـڌ سـرپ سـان.

ان ڌن، آواز، شبد ۽ نام مطلق رگ ويد جي اپنيشد جوگ/ناد بنڌو ۾ لكيل آهي تہ:

"يوگي سڌ آسن ۾ ويهي، ويشنوي مدرا استعمال كري، سڄي كن دواران دائمان اندريون آواز ٻڌڻ جي كري. آواز جو هن طرح ٻڌندو سو كيس ٻاهرين آوازن كان ڇوٽكارو ڏيندو. سيني ركاوٽن كي دفع كري هو پندرهن ڏينهن ۾ تريا (چوٿون پد



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

جتي نوراني نور وسي ٿو) جي حالت کي پهچندو. اڀياس جي شروع ۾ هو گهڻيئي زوردار آواز ٻڌندو، اهي آهستي آهستي سوکيم (مدهم) ٿيندا ويندا.“

ٻاهرين شين کان بيپرواهه يوگيءَ کي پنهنجي واسنائن (هوس جي خواهشن) تي قابض ٿي، دائمان ناد (آواز) ڏي چت کُپائڻ گهرجي، جو آخر ۾ من جو (شيطان جو) انت آڻيندو. وڏي اڀياس بعد يوگي ٻاهرين اثرن کان آجو ٿي، يوگي شبد سان هڪ ٿي وڃي ٿو. جيئن کير پاڻيءَ سان، لهرون سمنڊ سان ۽ جلدي هو چد آڪاس (معراج جي منزل) ۾ ڏڄا کوڙي ٿو.

جوڳي لفظ جوڳ مان نڪتل آهي جنهن جي معنيٰ آهي ڳنڍڻ، جوڙڻ، جو اهو جوڙي وٺي آتما کي پرماتما سان، روح کي رب سان ته اهو چئبو جوڳي. ان جا تفصيل رستا نهايت سرل آهن. بس سمجهو سچي عشق ۽ رب سان ساهه ساهه ۾ سار جو ڪم آهي، جو ڪري سو پائي.

سسي اندر ساهه، ٿو وائي وشن جي ڪري،
ٻڌج ڪي ٻبيڪ سان، هئي ڳجهه اندر جي ڳاهه،
ته روح منجهين ئي راهه، اٿي ملڻ جي مينگهو چئي.

ڀڳتي تحريڪ منهنجي نظر ۾ هڪ عوامي انقلاب هو، مذهبي بنياد پرست سختي، ورڻ آشرم ۽ ٻاهرين ڪرم ڪانڊ، تيرٿ، جپ تپ، پراڻيام، ورت ٻليدان ۽ ظاهري پاٺ پوڄا، واس ڏوپ، ڪنڀ ميلن ۽ ڪاشي ياترائن ۾ ڪرٽ سان سرير ڪٽائڻ وغيره ساڌنن جو- جو پوري من دل سان ايشور شرڻ اچي آپو، اهم ۽ خودي ختم ڪري، سندس ڀڳتيءَ ۾ مگن رهي، سڀ ۾ سندس روپ ڏسي، سڀ سان پريم ۽ شيوا واري وات وٺڻ سان ماڻهوءَ جو ڪلياڻ ڪرڻ ڪافي آهي. اندر ۾ ايشور سان عشق رکي دم دم ياد ۾ رهي، هٿ ڪم ۾ دل يار ۾:

گهر ۾ راهه رهي، مورک ڦولهي ده دسا،
جپ تپ سادن جوڳ ۾ سامي ديهه دهي،
ناحق دک سهي ٿو پني ڏيئي پاڻ کي.

منجهين لوڪ لکين تون پاڻ نه ڪرين پڌرو،
اٺئي پهر عجيب جي منجهين سڪ سڪين،



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

چاڪن منجھ چڪين تہ پاڻ ٻڌني پٽيون.

اها پندرهين ۽ سورهين صدي هئي، جي سنت پرش، درويش ظاهر ٿيا، تن سڄي مذهبي مت ڀيد کي اونڌو ڪري انسان کي انسان ڪيو ۽ هڪ رب کي پريم ڀڳتيءَ سان پائڻ سيکاريو. سامي جن ويدن جي واٽي سنڌي ۾ پيو سمجهائي، سي ويدانت 900 ق-م کان 1200 ق-م جا اندازاً چيا وڃن ٿا. انهن جي وضاحت اپنيشدن ۾ ملي ٿي (300 ق-م کان 200 ق-م). شنڪر آچاريہ جو ويدن جو وڏو شارح ڄڻجي ٿو سو آهي (788ع-820ع) . موجوده هندو حياتيءَ جي گائيڊ ڀڳوت گيتا 100 ق-م کان 100ع، جا اڄ هر گهر ۾ ۽ ڪورٽ ۾ پڻ موجود آهي. ڀڳتي تحريڪ جا سنت ڪبير 1440ع-1518ع، رويداس، تلسيداس 1523ع-1623ع ۽ ميران ٻائي 1498ع-1565ع جا پرچار ۽ گورو نانڪ 1467ع کان 1538ع تائين ذهنن تي ٻي انداز اثر انداز ٿيندا رهيا. سنڌ ۾ فارسي صوفي شاعرن جو تمام گهڻو اثر پئي رهيو آهي. انهن ۾ عطار 1180ع-1220ع، مولانا روم 1207ع-1273ع ۽ حافظ 1326ع-1390ع، جنهن سان فڪر ۾ بيحد ڦيرو اچي ٿو، پر آءٌ ذڪر ڪندس 1173ع ۾ پنجاب جي ڪوٺيوال ۾ جنم وٺندڙ سنڌي، سرائيڪي ۽ پنجابيءَ جي پهرين شاعر بابا فريد گنج شڪر جو، جنهن جو سيني تي جهجهو اثر آهي ويندي گورونانڪ. پاڻ سندس نائين پيڙهي شيخ ابراهيم کان سندس ڪلام وٺي گورو گرنٿ صاحب ۾ درج ڪيو. رب کي خلق ۾ آڻي حقوق العباد جو سولو سبق پڙهايو اٿس، چوي:

فريدا خالق وسي خلق مهہ خلق وسي رب مانهہ،
مندا ڪسنو آکيئي جو تس بن دوجا ناهي.
(ڪثرت مان وحدت ٿي، وحدت ڪثرت ڪُل)
خلق منجھ خالق، خالق سڀ خلق ۾،
سمجهي ڪو سامي چئي ورلو هرجن هِڪُ،
مهر ڪري مالڪ جنهن تي پرچي پاٺهي.

وري بابا فريد ڪم سولو ڪيو، چيائين:

”جي تو پريان دي سِڪَ، هنياءُ نہ ڍاهہ ڪهين دا.“

ٻن اکرن ۾ سڄو تصوف سميٽجي ويو. جي خالق خلق ۾ آهي تہ خلق کي ڏکائڻ معنيٰ خالق کي ڏکائڻ، تہ ماڻهو ماري، پوءِ کهڙي بہ نالي هيٺ، خالق خوش ڪري ڪين سگهبو.



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

”ميـن نـاهيـن ڪـڇ هـنئـہ نـهيـن ڪـڇ آهـہ نـہ مـورا،
اوسـپـر ڪـجـارا ڪـي لـيـهـہ سـڏنـا جـن تـورا“

سنڌ ڏرتيءَ جو هڪ صوفي سنت، جو چوڏهين صدي عيسويءَ ۾ سيوهڻ شهر ۾ ڄائو، تنهن جو ڪٿي بہ ڪو ذڪر فڪر عام جام ڪونہ ٿو ملي، سو آهي پڳت سڏنو ڪاسائي، جنهن جا سنڌي ڪوين تي هن مٽيءَ جا رنگ ۽ خوشبو واري صفت سميت اثر حاوي آهن.

پنجاب ۾ سلطان باهو، بلهي شاهہ ۽ شاهہ حسين جڏهن تہ سنڌ ۾ اسانجي ٿمورتيءَ جا رنگ ئي نرالا آهن: شاهہ لطيف (1689ع-1752ع)، سچل سرمست (1739ع-1826ع) ۽ سامي چين راءِ ولد بچومل لُنڊ (1743ع-1850ع)، جو پنهنجي گورو جو نالو استعمال ڪندو رهيو: ڪٿي مينگهو، ڪٿي ٻانيڻ ۽ هر جاءِ سامي سندس ئي گورو جا نالا آهن.

پڳتي تحريڪ جي درويشن جي واٽ:

ڪـنـهـن ڪـون ڪـيـن لـهـي، اوديا ڪـلـف انـدر جـو،
تـوڙي تـيـرٿ تـپ ڪـري دک بـک سـپ سـهـي،
تـيـاڳ ڪـري گـهـر ٻـار جـو غـفـا مـنـجـهہ رهـي،
سـاڏو سـرن پـوي تـہ سـڪـي ٿـئـي سـامـي چـوي.

ڌرم، مذهب جي ظاهري نيمن متن جو روحانيت ۾ انڪار، ان لاءِ ڪيو ويو آهي جو اصل مقصدِ حيات تي پهچڻ کان لاچار آهن. هينئر ڪجهہ اهڙن درويشن جي شعرن جو اڀياس ڪنداسين جنهن سان هن جڳ، مذهب، روحانيت ۽ مالڪ ملڻ جي راهہ روشن ٿي سگهي، جو ئي ساميءَ جو سار آهي. مٿين شعر ۾ چوي ٿو اندر جا اوندهہ آهي، اهو آهي پنهنجي دنياوي غلاظتن (اوديا ڪلف) جو تالو لڳل آهي ۽ اهو ٻاهرين صفائين سان صاف نہ ٿيندو، جهڙوڪ تيرٿ ياترا يا پاڻ کي ورت، اپواس ڪري بک ڪڍڻ يا دنيا ڇڏي مڙهي مساڻ وسائڻ سان اندر جي صفائي نہ ٿيندي، نہ ويد شاستر پڙهڻ سان. لطيفي سمجهہ بہ اهو ٿي سمجهائي، اندر تون اُجار پنا پڙهندين ڪيترا، تہ اندر ڪيئن اجارجي.

سـڪ ري صـفـائـي اڇـي ڪـيـن انـدر ڪـي،
تـوڙي سـپ سـاڌن ڪـري، پـائـي سـر ڇـائـي،
اهـا ڳـالـهـہ سـمـجـهـہ ۾ ڪـنـهـن ورلـي ڪـي آئـي،



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

گرگم جنهن لائي، سامي لنو سروپ سان.

تہ بہ عشق، پريم ۾ سچڻ جي سڪ ئي صفائي ڪري سگهي ٿي، ٻاهرئين طور طريقا چائي پائڻ آهي، جنهن سان پرين پسي نہ سگهبو. اندر جو عشق ۾ دل جو ايمان، جو بنا شرڪ هڪ سان پريم رکڻ، اندر هڪ پسڻ بعد ئي سڀ ۾ ساڳيو جلوو پسي سگهجي ٿو. سڀ جي دل ۾ ساڳيو سائين وسي ٿو.

دل بدست آور کہ حج اکبر است،
از ہزاراں کعبہ یک دل بہتر است.
(مولانا روم)

دلا طواف دلاں کُن کہ کعبہ مخفی است،
کہ آں خلیل بنا کرد، واین خدا خود سخت۔
(مغربی)

ہزار زہدو عبادت ہزار استغفار، ہزار روزہ رانماز ہزار،
ہزار طاعت شب ہا ہزار، قبول نیست گر خاطری بیا زاری۔
(مغربی)

پٿر پوڄا ڪن، ديو نہ ڏسن ديهہ ۾،
پنڊت ڄاڻي پاڻ کي ڪرمن منجهہ ٻجهن،
سي ڪيئن رنگ رچن سامي سپيرين جي.

پريم بنا پرڪاس ڪنهنکي ٿيو ڪينڪي،
ايئن چئي ٿو نامديو، ڪبيرائون روداس،
ڪري ڏس ڪلپت ري سامي انن ايپاس،
تہ چيتن چد آڪاس پرگهٽ ٿيئي پاڻهين.

هنن ٻن سلوڪن ۾ ساميءَ سڄي ٻاهرين ڪرم ڪانڊ جي طريقن کي رد ڪندي ڀڳتي تحريڪ جي سنتن جو حوالو ڏنو آهي، جن جي واٽ ساڳي اندر ڳولهڻ ۾ ڄڳتيءَ سان پيرين پائڻ واري ساڳي سمجهہ وٺڻ آهي تہ. آئُ هِت ان سمجهہ جو سربستو ذڪر لکان ٿو.

سڏو رستو بين الاقوامي:

Equal for all, the way to God.

ڪُل ٽي لفظ آهن:

1. نام، شبد، ڪلمئہ الاهي، اسم اعظم
2. ستگورو، مرشد، پيرڪامل، گورمت
3. سمرن، ذڪر، اپياس، ورد مالڪ مهر سان

زندگيءَ جو حاصل پرين پائڻ آهي تہ ان جو رستو ٽن لفظن ۾ مڪمل وضاحت ۽ سمجهہ سان صحيح ڪري سگهجي ٿو. هن تي هلڻ لاءِ ڪنهن بہ مذهب، فرقي، متي، پنٿ، قوم، ٻولي، ملڪ يا جنس رنگ جو ڪو شرط ناهي. هي جڳ مذهب جي اندر ۾ الاهي واٽ سڀ لاءِ ساڳي، ڪليل ۽ بين الاقوامي آهي. جو وهي سو لهي. اها پاڻ ڪل مالڪ جي ٺاهيل آهي جا عالم انسانيت لاءِ عام آهي، رحمت ۽ وڏي بخشش آهي. سڀ کي سڏي ٿي، جي آيا سي اگهيا. جو اندر سڀ پسي، دِليئون دنيا ڇڏي، دعوت عام آهي، اصل آدجڳاد کان ويساهہ (ايمان) جو اهو ئي رستو ٿو رهندو اچي، پر جن کي پروڙ پوي.

ويساسيءَ والٿ لڌو ساريءَ وِسُ جو،
پرچي ڏنائين پاڻ ۾، ڇڏي اونگهہ آلس،
رهي مايا موہ ڪون، خلاصو خالص،
سامي ٿي ٿالٿ، وَرِتي وِڌِ ويچار سان.

من مٿرا، دل دوارڪا، ڪايا منجهہ ڪاسي،
چيتن وسي چت ۾ الک ابناسي.

جن کي جاني ياد آن ياد ڪريان نت تن کي،
سامي مليا سپرين پرچي تن پرساد،
تن من ارپيان پاو سان ڇڏي واد وواد،
ايها آدجڳاد، واٽ ٻٽي ويساهہ جي.

سامي اُن ربي آيت طرف اشارو ٿو ڪري تہ: ”تون مونکي ياد ڪر تہ مان توکي

ياد ڪريان.“ ۽ ٻڌائي ٿو تہ جيڪو مايا موهہ ڇڏي دل جو خالص ٿي مالڪ کي ياد ڪري ٿو. هر وقت دل ۾ سندس سمرن ڪري ٿو، من جي مٽين سان رڳون سڀ رباب ٿي سارن ٿيون سڀ ويل تہ ان ذڪر جو مالڪ ٻيٽو اجر ڏئي اسان کي پڻ ياد ڪري ٿو، پر پيار سان ڪبير چيو:

مالها مجهہ سي لَڙِ پڙي ڪاهي سمري موهہ،
من ڪا مٽڪا ڦيردي ترت ملاؤن توهہ.

تہ رڳون ٿيون رباب وڄن ويل سيڪنهين وارو لطيفي ورد رکي تہ اهو ٿيو پهريون لفظ سمرن/ذڪر ڪرڻ. نام-اسم اعظم جو اندر اورڻ، پر اهڙو سمرن هر ڪنهن جي وس جو ناهي، نہ تہ جيڪر هر ڪوئي ڪري پار پهچي سگهي. ايڏو پيار رب سان رکڻ فقط مرشد جي مهر ڪرم سان ئي ملي سگهي ٿو.

گورو نانڪ جو واڪ:

آکان جيوان، وسري مِرجاؤ،
آکڻ اوکا، ساچا نائو.

فرمائن ٿا جي رب جو نانءُ چوان ٿو تہ جيئرو آهيان ۽ جي وساريان ٿو تہ مري ٿو وڃان. ايڏو پيار! وري ٻئي سٽ ۾ چا ٿا چون تہ اهو نانءُ اهڙي طرح جپڻ ڏاڍو ڏکيو ڪم آهي، تہ ٻئي لفظ طرف وڃڻو پوندو.

2. ستگورو، مرشد ڪامل، سامي ٿو چوي:

ساڌو جن سوري جنهن کي ڪري ڪڇ ۾،
تنهن جي ڪس قلوب مان ڪڍي سڀ ڪوري،
سامي ڏسي سپرين اڪن ڪون اوري،
هر دم هندوري، جهولي پريم اگم جي.

جنهن بہ خوش نصيب کي اهڙو ساڌو، ستگورو، پير ڪامل پلئہ پوي جو پنهنجي هنج ۾ وهاري سندس قلب مان ڪلپت، ٻيائي، شرڪ ڪوري ڪڍي وٺي، کهڙي نہ سندر سولي ۽ سرل سنڌيءَ ۾ ساميءَ اها ڳالهہ ڪئي آهي. اگر جنهنجو آد انت ۽ ڳجهہ نہ ملي سگهي، تنهنجو گم يا راز ستگورو ئي ڏئي سگهي ٿو. پنهنجي اندر معرفت ماٽي پيو پريم هندوري ۾ لڏي، تہ اهو سڀ ڪمال صرف ستگورو مرشد مٽيادار ڪري سگهي ٿو، تہ جنهن کي مرشد مليو تنهن جي اندر الله پرگهٽ ٿيو، پر



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

مرشد ڪامل جو اندرين نور(جوت)، ان شبد، ڪلمي الاهي يا ٻاڻيءَ جو اپياسي ۽ ڀيدي (رازدار) هجي اهو ئي اندر ۾ مالڪ ملائي، ٻاهرين ٻڪ ٻوڙ ۽ ڏکن ڪاڻ ڪان بچائي سگهي ٿو. چون:

سڀ گهٽ ميرا سانئيان،سوني سيج نہ ڪوءِ،
ٻلهاري تس گهٽ ڪي، جا گهٽ پرگهٽ هوءِ.

هاڻي جسم جي سائنس سمجهنداسين تہ هي الاهي محل ڪيئن آهي، اتي اها ٻاڻي يا ڪلمي الاهي ڪٿي وڃي ٿو، وغيره. ڪُل اٺ دروازا آهن هن محل ۾ داخل ٿيڻ جا ست ڪليل ۽ اٺون بند آهي. ٻہ اکيون، ٻہ ڪن، ٻہ ناسون (نڪ) هڪ وات-اندر وڃڻ لاءِ سولو رستو آهي ٻن اکين ٻنيان اندر ٽيئن اک جا ڏسي سگهندي. جو:

”پرين سي پسن ٻئي جن ٻوتيون“
(شاهہ)

اکين ٻاجهون ويڪٽا وڻ ڪنان سٽٽا.
(گورو نانڪ جي)

اتي جا انهد ڏن بنا وڃڻ پئي وڃي، تنهن کي مرشد جي مهر سان ٻڌي سگهبو ، پر جڏهن پوري يڪسوئي ٿئي، يعني من جو ٻٽڪڻ، ٻاهريان خيال سڀ ختم ڪري، اندر يڪجاءِ/ٽِر ٿئي. جوڙي ميڙي ٻاڙ کي جڏهن پوري ايڪاگرتا، يڪسوئي ايندي، تڏهن اهي آواز ٻڌڻ ۾ ايندا، جن جو مٿي ذڪر ڪيو آهي: ساميءَ جا اشارا:

اتي پهر عرش ۾ جپن ريءَ زبان.

تنهن ۾ لائي لال تيا طمع ريءَ تاڙي.

چڙهي جنهن عشق تي ٻڌو وحدت واڪ.

تہ اهو عرش آهي اٺون ڳجهو ڏرُ، جتي وحدت واڪ وڃي ٿو. بنا وڄائڻ واڄو وڃي ۽ بنا زبان پيو جاپ جپي، اتي جو ڏهہ هزار سجدن جيڏو نور /جوت آهي سو نهايت سِيتل، وٽندڙ ۽ لياڻيندڙ آهي.

### 3. مال جي مهر سان ست سنگ:

اڻ هوندي بازي تنهنجي ڪري سڌ ٿي،



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

لپت جي ڪلنڪ سان سامي تو ساجي،
ڪدين پانهنجي پاڻهي تو منٿ موتاجي،
رڙهي تيئن راضي پٽُ ڏيئي تون پاڻ ڪي.

هيءَ اڻ هوندي بازي جي مايا مان ڪري- نڪري؟ جنهن تي راضي ٿئي؟ ڪيئن راضي ٿئي، جو پورن سرڻ وٺي يعني جو دل مان خودي ڪوري ڪڍي پيش پوي ۽ هر حال ۾ راضي رهي، تنهن تي مالڪ مهر ڪري، هن درنگي دنيا ۾ ٻين جي محتاجيءَ کان ڇٽي پوي. ان لاءِ ست سنگ يعني سچو ساٿي، ڪامل مرشد جي صحبت ضروري آهي جو سيني سان سينو سنواري، نظر وجهي نهال ڪري. ”نانڪ ندري ندر نهال“، ڪري ڇڏي. هو سدائين سَد سروپ ۾ رڱجي رهي.

ساڌو جن سچو ڪري اپديش انيئي،
سامي ڇئي سپ کي الٽي گهر اچو،
ڪَڏي (ڪڏهن) ٿئي ڪينڪي ڪلپت منجھ ڪچو،
رهي رنگ رچو سُتهہَ سَد سروپ جي.

ت: 1. نام، ڪُنَ، اسم اعظم، جو سڄي جهان ۽ سيني انسانن ۽ حيوانن وغيره جو رچيندڙ آهي، انکي پنهنجي جسم اندر ڳولهي، محبوب جو مشاهدو ماڻي وٺجي جو حياتيءَ جو حاصل آهي.

2. ان لاءِ هڪ ڪامل مرشد جي ضرورت آهي جو بخشش ڪري.

3. پوري طرح پاڻ وڃائي پيش پوڻ سان اهڙي مالڪ جي مهر ملي جو سدا ان جي رنگ ۾ رڱيو رهجي. نندَ بہ عبادت، ڪم ڪرڻ بہ عبادت ٿي پوي.

ڪرپا ڄاڻي ڪِرُ سنت دواري سِڪَ سان،
ديکيا دردوندن جي سمجهي ڪر صبر،
سامي ٻَڪَ مَ سِرُ در در ديوانن جان.

تہ الاهي مهر سان ڪو درويش الله لوڪ ملي تہ سندس بعيت ڪري بخشش وٺ. هر حال ۾ خوش رهي شڪايت جي ٻڙڪ نہ ٻول ۽ صبر شڪر ۾ هڪ جي اوٽ ۾، هڪ سان ڳنڍجي رهہ. دردر پنهنجو مٿو نہ ٽيڪ، پاڻ نہ ڪوءِ:

جنهن کي لَڪائي ست گور لَڪَ اَلَڪَ جي،
تنهن پرچي پانهنجي پاڻ سان، لنو سپجي لائي،



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

مِٺي تنهن جي من مون ٻانيڻ چئي ٻيائي،
رهي سدائين، سُڄ وسئن جي وچ ۾.

تہ جنهن کي بہ مرشد مٺيادار اَلک، جنهن جو نہ رنگ، نہ روپ، نہ ريک الک آهي، اهڙي مالڪ جي لَڪَ لڪائي، تنهن ٻاهر جا سڀ سڏن ڦٽي ڪري اندر اور پيو اوري، ٻيائيءَ واري وائي بنھ ڇڏي، هينئر ڪيس هر هڪ ۾ اهو ئي هڪ الک پيو لَکي. جڏهن ٻيو ڪو آهي ئي ڪونہ تہ ويري (ڪير) ۽ سڄڻ ڪير؟ تہ وسنئن ڪنهن جي ۽ سڄ ڪنهن جي، سدائين موج پيو ماڻي، مالڪ جي اور پئي اورجي:

محبتن ميلاپ پرچي ڪيو جن پانهنجو،
پئن پٿارن پريم جو، پيالو عين اَماپ،
لنو لنو لال گلال ٿي، جپن اجپا جاپ،
ميٽي سڀ سنتاپ، سامي ماڻن سانت کي.

اڪيلائي جن جي وندر آهي، سانت جو مزو جنکي مليو، اهو ئي اجپا جاپ يعني ان اسم اعظم نام ۾ رتل رهن ٿا. "عاشقن الله ويرو تار نہ وسري"، انکي چٽبو، لنو لنو ۾ لال آهن، سواءِ پريم جي ٻيو سودو ڪين سِکن ۽ پاڻ ۾ مڪمل ٿي، پرچي پُر رهن ٿا، انهن ئي منزل ماڻي حياتي هاج هٿ ڪيو:

پرچي ڏنو پهہ مرشد خاص مريد کي،
اٿندي وهندي عشق سان اورانهيءَ ۾ رهہ،
وٺي راهہ رنِڊيءَ جي سيکي سر تي سَهُہ،
تہ اچي پاڻ اَلَهُہ مطلب ڪندءِ من جا.

## حوالا


1. ناگراڻي، بي ايچ، پروفيسر، "ساميءَ جا سلوڪ" (ٻن جلدن ۾)، سنڌي اديبن جي سهڪاري سنگت، حيدرآباد-سنڌ، 1992ع.
2. پريم ساگر، "ڪوي سامي خاص انڪ، مختلف ليکڪن جا مضمون"، پريم ساگر پبليڪيشن سوامي نارائڻ مندر، ڪراچي، 2001ع، شمارو 100.
3. گورو گرنٿ صاحب، مذهبي ڪتاب ۽ گورو واڻي، بازار مسائي سيوا امرتسر انڊيا، 2008ع.
4. گورمت سڌانت مهراج ساون سنگھ،راڌا سوامي ست سنگ بياس، انڊيا.
5. ٻيا ڪيترا مختلف ڪتاب، سنت مالها ۽ مختلف درويشن جون جيون ڪٿائون.